مڇيءَ جي هئڙادو پالڻا جي ضرورت

هن وقت دنيا ۾ مڇيءَ جو وڏو حصو هٿراڌو پالنا ذريعي حاصل ٿي رهيو آهي ۽ اهي ملڪ جن وٽ پاڻيءَ جا وسيلا محدود آهن، بهتر پلاننگ ۽ وڏيڪ محنت ذريعي مڇيءَ جي ڪافي پيداوار حاصل ڪري رهيا آهن. اسان جو ملڪ پاڻيءَ جي وسيلن ۾ شاهوڪار آهي، جن ۾ درياهه، واهه ۽ ڪئنالن جو وسيع نظام، سمنڊ جي پاڻيءَ وارا علائقا، سمر تلاوءَ ۽ ساريالن علائقن ڪان علاوه درياهه جو ڊيلٽا (ڇوڙ وارو علائقو) ۽ ڊگهو ساموندي ڪنارو موجود آهي. پر بدقسمتي، سان انهن وسيلن کي مڇيءَ جي پالنا لاءِ استعمال نه ڪري سگهيا آهيون. جڏهن ته اسان جي موسم ۾ گرم هئڻ ڪري مڇيءَ جي پالنا لاءِ تمام موزون آهي. مڇي پورهيا جي ملڪن ۾ 3 ڪان 4 سالن ۾ 2 ڪلو جي ٿئي ٿي، ساڳي مڇي اسان جي ملڪ ۾ هڪ سال اندر اهڙي وزن جي ٿي وڃي ٿي. مڇيءَ جي قدرتي پيداوار ڏينهون ڏينهن گهٽ ٿيندي پئي، جي ۽ اسحاق... آهن. تنهن ڪري اسان کي مڇيءَ جا پالنا طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. مڇيءَ جي پالنا جي موجوده زمين ڪان علاوه ونڊيون ۽ ساموندي ڪنارا جهڙوڪ بندين ۽ ٺٽي جي ساموندي پٽي انتهائي موزون آهي. انهن ونڊين ۽ ساموندي ڪنارن پرسان تلاءِ ناهي. ان ۾ مڇي پالنا ڪان سواءِ پين ڪلچر "Pen Culture" يعني جاريون ٺهي انهن ۾ مڇي پالي سگهجي ٿي. Pen جي تشريح اٿين ڪري سگهجي ٿي ته مڇي پالنا لاءِ مٿيءَ جي بندن بجاءِ جاري، ڪان بندن جو ڪم ورتو ويندو آهي. ان لاءِ ٺڪرن جي مدد سان جاري اڀي ٻيهارڻ يا جاري جو لڙهو ناهن ذريعي بين يا انڪلوزر ناهيا ويندا آهن. مڇيءَ جي اهڙي سستي پالنا طرف ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ، حڪومت پلان جوڙيا آهن. پر حڪومت کي موثر حڪمت عملي اپنائيندي مڇيءَ جي پالنا لاءِ ماڻهن کي سمنڊ جي ڪنارن تي زمين الاٽ ڪرڻ ڪان علاوه آسان شرطن تي ٿندا قرض مهيا ڪرڻ گهرجي، جيئن ماڻهن ۾ مڇيءَ جي اهڙي پالنا طرف چاهه پيدا ٿئي.

اي ايم اسلم جروار / حيدرآباد

... گهٽجي وڃي آهي ۽ ڪم ڪار گهٽ ڪرڻ ڪري ماڻهن ۾ ڪيترين بيمارين متعهن ڪئيو آهي ۽ مثال وري هاڻ اهي خالص ڪاڌا نه رهيا آهن. جن ۾ خاص طور تي ٻالڻا گيهه وغيره هئي ماڻهن جو اصل پيڙو پولي چڙهيو آهي. هڪڙو ته ماڻهو جساني ڪم گهٽ ٿا ڪن. مثال وري ان گيهه جي استعمال ڪري جسم اندر چربي جمندي وڃي ٿي ۽ ان جي جمڻ ڪري بلڊ پريشر ۽ دل جون بيماريون پيدا ٿيون ٿيون. جيڪي اسان وٽ اڄڪلهه عام آهن. جن جي عام ماڻهن کي ته وري خبر ئي ناهي. ٿئي ۽ جي وري ڪا تڪليف محسوس ٿئي به ٿي ته ٽيبر حڪيمن جي ور چڙهي وڃن ٿا. جيڪي پنهنجي گهٽ ڄاڻ ۽ لالچ جي ڪري ڪين ٽڪي، فوٽي تي گذارو ڪرائين ٿا. جيڪو دراصل انهن بيمارين جو حل ناهي. هونئن به انهن بيمارين جي ٿي پوڻ ڪان پوءِ انهن جو ضابطو ڏاڍو ڏکيو ۽ مهانگو آهي. ان لاءِ اهڙن طريقن کي اپنائڻ جي ضرورت آهي جن جي ڪري اهڙين بيمارين جي حملي کان اڳواٽ بچاءُ ٿي سگهي. انهن طريقن مان هڪڙو طريقو اهو آهي ته اسان کي فوري طور تي بازاري گيهه ۽ ڪاڌا واري تيل جو پنهنجي رڌ پچاءُ ۾ واهپو بند ڪري ڇڏڻ گهرجي.

هاڻ اوهين سوچيندا ته اڻين ڪرڻ کان پوءِ ماني ٺهي ڪيئن ٿيندي؟ ۽ ڪاڌا خوراڪ ڇا ۾ رڌبو، پچائبو؟ ان جو جواب اهو آهي ته اهو ايترو ڏکيو ڪم ناهي. ان لاءِ اسين پنهنجي گهر ۾ ويهي پنهنجي هٿن سان صاف ۽ صحت بخش ڪاجرو تيل ناهي سگهون ٿا. هونئن به اسان کي چڱي طرح ياد آهي ته اسان وٽ پراڻي وقت ۾ بلڪ اڄيا تائين به ڪٿي ڪٿي عام سرنهن کي گهاڻي تان پيڙائي وڏا دٻا ڀري رکيا هئا ۽ پوءِ جڏهن اهو تيل آڙهي ويندو هو ته اهو رڌ پچاءُ لاءِ استعمال ٿيندو هو. جيڪو جسم اندر يا ٻاهر ...

مڇين پالي خوراڪ جو مسئلو حل ڪريو

غير معياري ٻج ۽ سار نه لهڻ ڪري پيداوار گهٽجي ٿي

اي. ايم اسلم جروار

جيئن ته اسان جو ملڪ گوشت جي گهٽتائي جو شڪار آهي. انهيءَ گهٽتائي جي حاتمي تئوڙي پيداوار جي اضافي لاءِ سخت ڪوشش جي ضرورت آهي. اهو مقصد حاصل ڪرڻ جو هڪ ذريعو مڇي پڻ آهي پر سڄي ملڪ ۾ خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ مڇيءَ جي في ايڪڙ پيداوار وڌائڻ تي ڪو خاص توجهه ڪونه ڏنو وڃي. عام طرح ٿيندو ائين آهي ته ڪجهه مڇي پاليندڙ هيٺاهين واري زمين کي ملڪڙا بند ڏياري مڇي جو غيرمعياري ۽ ناخالص ٻج هتان هتان هٿ ڪري اهو تلاءُ ۾ رکهي ڇڏيندا آهن. جنهن بعد اهي سال يا ڇهين مهينن اچي پنهنجي تلاءَ جو جائزو وٺندا آهن. پر ڪنهن ڪنهن ته اهي مڇيءَ جو ٻج رکهڻ بعد اهو وساري ڇڏيندا آهن ته ڪو اسان جو پيسو پاڻي هيٺان پيل آهي. پوءِ اهو محفوظ به آهي ۽ وڌي ويجهي به ٿو يا نه! بس وري مڇي ڪڍڻ مهل اچي خبر لهندا آهن. تڏهن ڪين خبر پوندي آهي ته مڇي وڌي ته آهي يا مرگو جوڙي ٿي وئي آهي يا ڪو ٻيو مسئلو آهي.

انهيءَ تمهيد جو مقصد اهو آهي ته مڇيءَ جو ڪاروبار شروع ڪرڻ ڪان اڳ سڀ لاها چاڙها ذهن ۾ رکڻ گهرجن. جيئن ٻين فصلن ۽ جانورن جي پالنا لاءِ هر شيءِ جو خيال رکيو ويندو آهي ۽ چڱي طرح سارسنڀال لڌي ويندي آهي، جيئن مڇيءَ جي پالنا ۾ رکڻ گهرجي. ان سان هڪ پاسي بهتر ۽ وڌيڪ پيداوار حاصل ٿيندي ته ٻئي طرف سرمايو ڪيل موڙي ٻڏڻ جو ڪو خطرو نه رهندو. ان لاءِ هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن.

- تلاءُ ڪهڙي به سائيز ۽ شڪل جو رکي سگهجي ٿو پر 2 ڪان 5 ايڪڙن جي وچ ۾ ۽ مستطيل شڪل جو وڌيڪ مناسب آهي.
- مٽي چيڪي هئڻ گهرجي ته جيئن پاڻي بيهي سگهي.
- پاڻيءَ جي داخلا سان گڏوگڏ اخراج جو پڻ بندوبست هئڻ گهرجي ته بهتر ٿيندو.
- تلاءَ جو ترو هڪ ڪرو وٽن جي اڏڻ ۽ ڪڻڪن کان جو هئڻ گهرجي. ان ڪان علاوه گاهه (پاڻي اندر ۽ ٻاهر) نه وڌڻ ڏجي.
- پاڻي مٺو، زهريلي ۽ علائقتن ڪان پاڪ ۽ سڄو سال مهيا هئڻ گهرجي.
- تلاءَ جي داخلا ۽ اخراج جي رستي ڪان سنهي جاري هئڻ گهرجي ته جيئن شڪاري ۽ جهنگلي مڇي اندر داخل نه ٿي سگهي ۽ نه ئي وري قيمتي ٻج ٻاهر وڃي سگهي.
- تلاءُ برسات وغيره جي ڪنهي پاڻي يا ٻوڏ جي خطري ڪان محفوظ هجي.
- رستو اهڙو هجي ته جيئن هر موسم (برسات وغيره) ۾ به تلاءَ تائين گاڏي وغيره پهچي سگهي.
- مڇيءَ جي چوري وغيره کان بچاءُ لاءِ خاص انتظام ٿيڻ گهرجي.
- تلاءُ خالي ڪري هر سال سڪايو وڃي. زمين خشڪ ٿيڻ ڏجي ايستائين جو ان ۾ ڏار پئجي وڃن ان طرح زمين آڪسيڊائز ٿيندي ۽ ان ۾ موجود فاسفورس قابل استعمال حالت ۾ اچي ويندو ۽ شڪار جيوڙا پڻ ختم ٿي ويندا.
- وٿاڻ جو ڀاڻ چار پنج ٽرالين في ايڪڙ جي حساب سان ترين ۾ پکيڙڻ گهرجي. ان بعد تلاءُ ۾ پاڻي وجهجي.
- هفتي کن بعد مڇي جو ٻج تلاءُ ۾ وجهڻ گهرجي.
- مڇيءَ جو ٻج نج هئڻ سان گڏوگڏ صحتمند ۽ هڪ سائز جو هئڻ گهرجي. جيڪو ڪنهن فش هيچريءَ تان وٺڻ گهرجي. ٻئي هنڌان وٺڻ جي صورت ۾ ان ڳالهه جو امڪان آهي ته ان سان غيرضروري ۽ رڳندڙ مڇين جو ٻج به شامل هوندو. جيڪو اصل ٻج سان ٿلهائي مقابلو ڪري ان کي وڌڻ ڪونه ڏيندو.
- ٻج جو تعداد 800 ڪان 1000 ٻچا في ايڪڙ هئڻ گهرجي. وڏيڪ ٻج رکهڻ جي صورت ۾ ...

15- جيئن ته تلاءُ ۾ موجود مڇيءَ جي قدرتي غذا مسلسل استعمال ٿيندي رهي ٿي. تنهن ڪري ضروري آهي ته پاڻي کي زرخيز ڪيو وڃي ته جيئن اضافي خوراڪ پيدا ڪري سگهجي. ان مقصد لاءِ وٿاڻ جو ڀاڻ ۽ ڪيميائي ڀاڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. وٿاڻ جو ڀاڻ اگر ممڪن هجي ته روزانو وجهڻ گهرجي. جيڪو مڇيءَ جي مجموعي وزن جي 4 ڪان 5 سيڪڙو برابر هئڻ گهرجي يا هفتي جو وزن 3 ڪان 4 سيڪڙو جيترو وجهي سگهجن ٿيون. اگر ڀاڻ جو روزانو استعمال ممڪن نه هجي ته پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، وجهڻ گهرجي. ڪيميائي ڀاڻ جو به ساڳيو ئي فائدو آهي ۽ ان جي وجهڻ سان مڇيءَ کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه آهي بلڪ ڪيميائي ڀاڻ جي استعمال سان فوري فائدو حاصل ٿي سگهندو. فيبروري ڪان آڪٽوبر تائين هر پندرهين ڏينهن يا جڏهن به پاڻيءَ جو ساڳيو رنگ، اڇو يا نائي ٿيڻ لڳي ته ڪيميائي ڀاڻ سپر فاسفيٽ 8 ڪلو گرام ۽ امونيم سلفيٽ (اگر نه ملي ته يوريا) 15 ڪلو گرام يا ٻي صورت ۾ ڊي اي پي 10 ڪلو گرام ۽ 10 ڪلو گرام امونيم سلفيٽ يا يوريا في ايڪڙ جي حساب سان پاڻيءَ ۾ ڳاري ڇڪار ڪجي.

16- مڇيءَ جي قدرتي خوراڪ جو اندازو ڪرڻ

لاءِ هڪ آسان طريقو اهو آهي ته پاڻيءَ ۾ ٺونٺ تائين ٻانهن هيٺ ڪجي ۽ جيڪڏهن هٿ جون آڱريون نظر اچن ته اهو سمجهڻ گهرجي ته خوراڪ گهٽ آهي. ان صورت ۾ ڪيميائي ۽ وٿاڻ جو ڀاڻ مٿي ڏنل طريقي تحت وجهڻ گهرجي.

17- ان ڪان علاوه مڇيءَ کي واڌو خوراڪ جيئن ڪڻڪ، ڪڪ، سوياٻين، فش ميل، ٻجهل سچيل ۽ سڪل مانيون ۽ ڪريل سڙيل سبزيون پڻ ڏئي سگهجن ٿيون. هٿرادو خوراڪ مڇيءَ جي مجموعي وزن جي 3 سيڪڙو برابر ڏيڻ گهرجي پر ان لاءِ ضروري آهي ته تلاءُ ۾ غيرضروري مڇين جي اچ وڃ تي مڪمل ڪنٽرول هجي ته جيئن خوراڪ جو حقيقي فائدو حاصل ڪري سگهجي.

18- وقت بوقت اهو چيڪ ڪرڻ ضروري آهي ته مڇي مناسب شرح سان وڌي رهي آهي يا نه. مڇيءَ کي ڪا بيماري وغيره ته نه آهي ۽ مڇي جي عام رويي تي پڻ نظر رکڻ گهرجي ته اهو بدليل ته نه آهي. اگر ائين آهي ته ان جو سبب معلوم ڪرڻ گهرجي. ان ڪان علاوه پاڻيءَ جي ڪوالٽي تي پڻ نظر رکڻ گهرجي ۽ ان جون ڪيميائي خاصيتون برقرار رکڻ گهرجن.

مڇيءَ جي پالنا متعلق ڪنهن به قسم جي معلومات لاءِ يا ڪو مسئلو درپيش اچڻ جي صورت ۾ عطائي ڊاڪٽرن جيان ڪنهن اڻڄاڻ ماڻهو سان رجوع ڪرڻ بدران فشريز کاتي جي مستند عملي سان لهه وچڙ ۾ اچڻ گهرجي ته جيئن مسئلي جو فوري طور سائنسي بنيادن تي حل ڳولي سگهجي ۽ ڪنهن وڏي نقصان کان بچي سگهجي.

ماهيگيري واري کاتي پاران آبادگارن کي مڇيءَ جي افزائش بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ مختلف پروگرام جوڙيا ويا آهن ان سلسلي ۾ فيلڊ وزٽ پڻ ٿيندا رهن ٿا. ان ڪان سواءِ ضلعن ڪان مڇيون مارڻ...